# ڏيئا
# تيل
# ٿعيل
# جا



علي احمد بروهي

donated from
Suleman A. Memon's
personal library

# ڏيئا ٽيل ڦليل جا

علي احمد بروهي

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1987ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر **اٺانوي**

ڇپائيندڙ — نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ — نيو فيمس پرنٽنگ پريس حيدرآباد.

پهريون ايڊيشن — سيپٽمبر 1987ع

ٽائيٽل — فتاح هاليپوٽو

**قيمت** — 30/- رپيا

آفسيٽ پيپر ۽ پڪي جلد سان — 45/- رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

DEEA TEL - PHULEL JA Written by ALI AHMED BROHI. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition September 1987. Price Per Copy Rs. 30/-

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ڏيئا ٽيل ٿليل جا، ٻاريم تائين ٻانگ،
ڏيوا ڏيٺ رهائيو، ڪنهن سڄاڻي سانگ،
چانگهي چڙهي آءُ تون، لال ورائي لانگ،
ڪوڙين پٽين ڪانگ، آڏايم، اچيج تون.

(شاهه)

# فهرست


1. وتائي سان ملاقات 9
2. عدو موچيءَ جو پوڙهو ٿيڻ ۽ وهلءِ وڃڻ 14
3. آءِ قاضي فضل الله 20
4. ٿر ۽ ڏڪر 25
5. جواهر ۽ جانور 26
6. آواز ۽ آلاپ 27
7. علي احمد بروهي 30
8. هيڏان هاڃان ٿين، پري هن پنهور ۾ 36
9. ميان جلال- ڪتو ٻلو حلال 42
10. سچل سارو سچ 46
11. قديم زماني جا مصور 50
12. علامه آءِ آءِ قاضيءَ جو فڪر ۽ فلسفو 55
13. قلندر جي نگريءَ ۾ ڪي ديوانا هلي آيا 61
14. جوڻيجو جس لهي 68
15. علي احمد بروهي 72
16. سوڪارنو پٽري- ميگهاوتي 76
17. ٽٽنڪ جهاز جي تباهي 81
18. مارو ٿر تيام- ڏيان ڏوراپو ڪنهن ڪي؟ 86
19. ڪري سگهان نه ڪاءِ انهين سندي ڳالهڙي 88
20. علي محمد شاه راشدي 91
21. لٽ، لڪڙي ۽ چڙي 98
22. فاضل راهو شهيد 103
23. وديل تي وايون ڪري ڪنل ڪوڪاري 107
24. مرڪ ۽ لڙڪ 110

25. علي احمد بروهي 117
26 ديبل جي گهولا 123
27. ڏاراجي يا بندر ڏاراجا 131
28 ڪالم بروهي 133
29. چوکنڊي 137
30. تارا مسيح 141
31. تهذيب تباهيءَ ڏانهن؟ 144
32. شيطان يا انسان؟ 147
33. زير - زبر - پيش— ”داتا گنج بخش“ 150
34. دکما - مات جو منارو 153
35. هاڻي الاجي ڇا ٿيندو؟ 157
36. مسئلي جو حل ڇا آهي؟ 158
37. سالگره مبارڪ - جي ايم سيد 160
38. گورک ڏنڊو؟ 164
39. سائسيرو - جنهن پنهنجو مٿو ڪٽوايو 165
40. گوتم ٻڌ 168
41. آه غريبان قهر خدائي 174
42. چورن مٿان مور 175
43. انين پيڙهيءَ آٿ، ماڪوڙو ماماٽ 176
44. اڳڪٿيون 176
45. مولانا جلال الدين رومي 178
46. ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه.... 183
47. نيٺ اسان کي ڇا ڪرڻ جڳائي؟ 188
48. سهراب گوٺ 192
49. شيخ عبدالقادر جيلاني رحه 197

# پيش لفظ

ادب نہ فقط زندگيءَ جي ترجماني ڪرڻ جي سگهہ ۽ صلاحيت رکي ٿو پر زندگيءَ کي متاثر بہ ڪري ٿو. نہ فقط ايترو، پر زندگيءَ کي سوچ جون نيون واٽون بہ ڏسي ٿو — اهڙيون واٽون جي اونده کان روشنيءَ ڏانهن وڃن ٿيون، نفرت کان محبت ڏانهن موٽ کائين ٿيون، غمگين مهاندن کي مرهائي موڪائي ڏين ٿيون ۽ انسانن کي ڏکار بدران پيار جو ڏس ڏين ٿيون. اهڙن اديبن جي لکيتن ۾ سڪٺا لفظ نہ هوندا آهن پر انهن ۾ گهري مشاهدي، شديد احساس ۽ اڻ مٽي همدرديءَ جي دنيا سمايل هوندي آهي.

علي احمد بروهي، پنهنجن مضمونن ۽ هلال پاڪستان ۾ ڇپيل ڪالمن ۾، زندگيءَ جا مختلف رخ، مختلف زاويا، مختلف رنگ ۽ مختلف انداز پيش ڪيا آهن. ائين ڪندي، پنهنجي مخصوص انداز بيان ۽ ٻوليءَ جي چاشنيءَ سان جيڪي ڪجهہ محسوس ڪيو اٿس، سو پڙهندڙن کي بہ ڪاميابيءَ سان محسوس ڪرائي سگهيو آهي. هن تجربي ۾ موضوع ۽ مواد سان گڏ سندس لکڻ جو دلچسپ انداز، لفظن جي چونڊ، لهجي جي نرمي ۽ وڏي ڳالهہ تہ اظهار جي سچائي، ساڻس ٻانهن ٻيلي آهن.

ڪو وقت هو جڏهن بروهي صاحب، زندگي جي ترجماني، طنز ۽ مزاح جي پيرايہ ۾ ڪئي، جنهن ڪري تلخ حقيقتون ۽ سماجي اوڻايون بہ دلچسپ انداز ۾ پڙهندڙن تائين پهتيون ۽ ادب ۾ 'طنز و مزاح' جي صنف جي اوسر سان گڏ، ڪلندي ڪلائيندي، اديب، سماجي اصلاح جو ڪم بہ ڪندو رهيو. ان کان پوء، اديب، جڏهن محسوس ڪيو تہ پڙهندڙ طنز ۽ مزاح جي مقصد

جي پر گھور ڪيس جهوري ”جنهر“ ڪري ٽي ڇڏيو. پر مرد وري ڪو پلنگ تي پلٽي ماري ٿورو ئي ويٺو ٿي رهيو. ڪيس به ته ڏهاڙي ڪمائڻ لاءِ پورهيو ڪرڻو ۽ فرهاد جيان ٽڪر ٽاڪڻو ٿي پيو.

ڪجهه به هجي عدوءَ، جنهن پنهنجي ننڍپڻ ۽ جواني خير خوبيءَ سان ۽ ڏاڍي سٺي گذاري هئي، سو هاڻ پنهنجي عمر جو آخري حصو ”پيڙاپڻ“ بہ مانائتي نموني گهارڻ لاءِ تيار هيو. ماڻهو جڏهن پنهنجي ذيابيطس، هارٽ ٽربل ۽ ڪئنسر جهڙي موذي مرضن سان گذارو ٿا ڪن، ته پنهنجي ”پڇاڙيءَ“ سان نباهه ڪرڻ ڪو عيب ٿورو ئي هو. جنهن واهه ڪان آڻ لنگهي ويو هيو آتان پڇ به لنگهي ويندو. هاڻ عدو جڏهن قبر ۾ پير لڙڪايو ويٺو هيو ته باقي پنڌ گهڻو؟ پيلو پيو ورانگون مس هيو ۽ بس.

سڄ ايري تہ اها ٻي ڳالهہ آهي.“ قاضي صاحب ترت ورائيو، ”جي علي گوهر ڳالهہ ٻڌ. نہ اولاد توکي ۽ نہ مون کي. گدڙ ڇوائي مٿي ٻڌائان، سياڻي، نہ سڄ تنهنجو ايري ۽ نہ منهنجو. جي دولت درڪار هجي ها تہ وڪالت ڪافي هئي ۽ جام هئي. وزارت جو ٻڪيو آءٌ ڪونہ آهيان. آءٌ ڇوڪريءَ ۾ شامل ضرور ٿيس پر هن مقصد سان تہ شايد آءٌ سڪائي تي ٻيڙيءَ جو رخ موڙي سگهان. ڪاش! اوهان کي هي ڄاڻ هجي تہ اسان جو ڪهڙن ماڻهن سان ٻنارو پيو آهي ۽ هو اسان کي ڪهڙي اوڙاه ۾ اڙائڻ جا پهہ ٻڌائي رهيا آهن!

* خير! زمانو گذري ويو ۽ قاضي صاحب بہ آخر راه رباني وٺي رمندو رهيو. اسانجو ٻنڌ ٻ، ايڏانهن آهي. ٻر سنڌ اڄا انهيءَ هند آهي جنهن لاءِ سهڻي ٻڌائي ٿي ڇيو تہ ”ڪو جو قهر ڪلاچ ۾، جو گهڙي سو نٿي. خبر ڪونہ ڏي تہ ريج ڪٽاڙي رنديئا“. قاضي صاحب سنڌ ۽ سنڌين جي خدمت ۾ زندگيءَ جي سيڙپ ڪئي. ڏکيو کي سکيو پر سهڻو وقت گذاري ويو. انا لله و انا اليه راجعون. باقي اسان جا ڀاڳ اسان سان. سنئي ۽ سور پيا ٻڌهندا پاڻ ۾.

خواب ۾ ساڻس وچ ۾ تميز لاءِ انهن ڪري رهيو هو.

مهردين اڄڪلهه پنهنجي محسن انصار برنيءَ وٽ رهيل آهي جو شايد هن ملڪ ۾ عبدالستار ايڌيءَ کانپوءِ ٻيو نيڪ انسان آهي جو صحيح معنيٰ ۾ "خلق خدمت" ۾ رڌل آهي. الله پاڪ کيس ڀلائيءَ جا پاڙا ڏني. پر کيس چڱائي تہ "مهردين" کي پاڻوٺ ٽڪائي ڇڏي. بجاءِ انهي جو کيس وري ٻڪرڙن جي واڙ ڏانهن روانو ڪري. کيس ڪهڙي خبر تہ جيئن ڪن ظالم ۽ جابر پوليس وارن جو "دين ايمان" پئسو ۽ پئسي ڪمائي جو وسيلو "ظلم ۽ ستم" آهي تيئن مسڪين "مهردين" جو "الله حافظ" آهي.

اسان وٽ جا خلق پنهنجي ڪڏي بي اختيار جرين جيان "ٻوڙان ڊوڙ" ۾ آهي سو ڪو پنهنجي ليکي ته نه آهي. اهائي مخلوق هئي جا چاليهارو سال اڳ هوش عقل ۾ "ڏڍو پير پيران" هئي ۽ ڏاڍي سک سانت ۾ هئي. اڄ پيڙ پيڙان بادشاه واري ديڙ دوڙ جا ملڪ ۾ متل آهي سا ڪا بي سبب ته نه آهي. ڪنهن ته ضرور هاٿيءَ کي هندستان ڏيکاريو آهي؟ حق حلال ۽ محنت مزدوريءَ سان "مال پائي" ته ڪو نه مڙندو آهي. اڳ قربت ڪندي ڪپڙ ۽ ڪيسو ڪترڻ تساڻين هوندي هئي. هاڻ ساڻو بينڪون به جوئيندي تا قرين تسه ڪا سائي سنهي آسامي هجي ۽ نه ڪوآپريٽو بئنڪ جي اڳيئي سڃيون سڪڻيون ٿي چڪيون آهن.

لاچار آهن. اسين تڏهـــن ئي ايمان ٽا رکـون ته حقيقت پـرده ۾ ڍڪيل هستيءَ ۾ آهي. ( يؤمنون بالغيب ) ۽ هو حقيقت سان ناتو ۽ واسطو ڳنڍي سگهن ٿا " يقيمون الصلوات ".

سندن پانڌي پوري نه آهي ۽ سدائين ڪوٽ ڪنڌل اٽن ۽ هاٺ ته ڪوئا ڪڍ به ڪاهيندا آهن. ڪين پلي ڏيندا رهو. پر ڪڏهن ڪڏهن بيماري سيماريءَ ويل ۽ ايري سپري پائڻ جي اپل ٿيندين ته جس ڪٽندين.

سائين منهنجا، وقت ته پٺارو هوائن به گذري ويندو. سنڌوءَ جي پيٺارن جيان گاڏيون ۽ ڪرسيون تـه آهن نـي ڦرٽيون گهرٽيون پيون بدليون. جئن مغلن جـون ست پيڙهيون وقـت جي ڏنڊ ۾ گم ٿي ويون. رهي نالو الله جو. پر جي پنهنجي سانگيئڙن ۽ ماروئڙن سان پـه پور ويل وهندين ته پاڻ ”دائمي چپر ۽ چانو“ ۾ آسائتو ٿيندين.

ستي نـــه سرنديا ڪر پچار پرين جي
وهادي ويـنديـا گهڻا هنديءَ هڏڙا.

چيو هو ته هاڻ سندس داڻو پاڻي هت پورو ٿي چڪو آهي انڪري سندس آخري سفر لاءِ سنبت ڪئي وڃي. سندس چکيا تي چڙهڻ لاءِ جلائو ڪاٺين جو هڪ وڏو ڪوڙ ٺاهيو ويو جنهن تي چڙهي ”ڪلاڻي“ پساه ڏيڻ لاءِ آگيا ڏني. هندن ٻنهيور کي باهه لڳي ۽ ٻيڙن جيئون ڪيون ته ڪلاڻ نمسڪار ڪندي باهه ۾ ڀسم ٿي ويو. چون ٿا ته سڪندر اعظم کي جيئو هوائين ته ڪلاڻي هنڌ پنهنجي جسي ملاقات ٿيندي جا پوءِ ٿي هئي.
والله اعلم بالصواب.

ڪمي ڪاسبين، سڙورن، سلاوٽن، ٽانگا، رڪشا ۽ ٽرڪ ڊرائيورن، شاگردن ۽ گهرو عورتن جي آهي. سڄڻي جي جدوجهد بيروزگارن شاگردن ۽ عورتن جي حقن لاءِ آهي. جنهن جو هي نياڻيون اهڙي موڙ تي ميدان ۾ اچي پرگهٽ ٿيون آهن جڏهن ملڪ جا جهونا جوڳي يا ته ازلي سفر تي آسهي رهيا آهن يا سانباهن ۾ آهن. ڪجهه به هجي، ڪيئي سڪا پوءِ ”ڪرا توڙي ڪوٽا“ جي ڪجهه عرصو اڳ رواج ۾ هوا ۽ پوءِ سنجي ويا يا مٽايا ويا سي هڪ وار وري وهنوار ۾ اچڻ وارا آهن. ڪجهه به هجي. ايندڙ زمانو عورتن جي سربراهيءَ جو آهي ۽ اميد آهي ته سنڌ هنڌن ۾ ملڪ خوشحال ٿيندا ۽ خوشحال گهر ۽ گهراڻا جيان ڦرندا ۽ ڦلندا جنهن سڄا سڪا گهر سيبتي ۽ سگهڙ عورتن جي هٿ لڳڻ سان برڪت ۽ بخت ڀريا ٿي پوندا آهن. الله پاڪ شل ڌيئرن ڀينرن ۽ مائرن کي ٻل ڏئي ۽ توفيق ڏئي ته هو جڳ جهان جا گهر سڪيا ستابا ۽ ساوا ڪن جنهن ڏيهه ڪان ڏچو ۽ ڏوش نڪري ۽ دنيا جا ملڪ سنڌن هنڌن ۾ آباد ۽ شاد باد ٿي پون - آمين.

سوا ٻي بجي رات جو ٽئٽنڪ جهاز آخري اوٻاسي ڏيئي سمنڊ اندر ٽُٻي هڻي وڃي آرامي ٿيو. جملي پندرهن سئو ٽيهي ماڻهو ٻڏي ويا، باقي ٻار ۽ عورتون سواءِ هڪ جي سڀ بچايا ويا. هڪ عورت جنهن ڀتار بنان جيئڻ کان انڪار ڪيو اها مسز آسٽبورس هئي!

جو "ناحق بند" Detention جا ڪيس "مفت" ۾ ڪندو هو: جن ماڻهن مٿان حڪومت، حڪمرانن يا ڏاڍن جو ظلم ستم ٿيندو هو تن کان نه في وٺندو هو ۽ نه وري معاوضو ني قبول ڪندو هو.

پاڪستان ۾ ميان محمود علي قصوريءَ جو "دم غنيمت" هيو. مشهور قانوندان، هڪ سينيئر سياسي اڳواڻ، سابق وزير قانون ۽ شهري آزاديءَ جي هن پرواني کي ڪالهه قصور شهر جي روشن آرا مسجد جي ڪنڊ ۾ دفن ڪيو ويو. مرحوم جي جنازه نماز ۾ سياسي سرواڻن، وڪيلن ۽ جج صاحبان ۽ دوستن توڙي عزيزن ۽ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

موڙ تي ضرور قدرت ٻاران ڪي اهڙا سڪائي يا پاڻي موجود رکيا ويندا آهن جي يا ته ”پٽ“ کي پنور کان ڪيڏي ڪناري رسائيندا آهن، يا ٻيءَ طوفان ۽ تباهيءَ جي عنصرن سان ساز باز ڪري، ٻيڙو ئي ٻوڙي ڇڏيندا آهن. هي ماڻهو غير معمولي ذهن جا مالڪ هئڻ ڪري عام مسافرن جي زندگي، صورتحال ۽ سندن سوچ ويچار تي حاوي رهندا آهن. پير سائين به انهن ۾ هڪ هيو ته شڪ نه آهي.

علم عقل جي اڪابر هئڻ گڏ وڏو بختاور ۽ ڀاڳوند انسان هيو. شير جو شڪار ڪندي، واسينگن سان وير رکندي ٽوئي نانگن جي ٻرن ۾ هٿ وجهندي به سندس وار ونگو نه ٿيو. شايد نصيب زور هوس، يا وري مٿس رب راضي رهيو. هر حال ۾ صاحب رب ستار سندس پردو رکيو. سندس زندگي هئي يا طوفان؟ ڪا تاريخ هئي يا الف ليلا جو داستان؟ نه زاهد خشڪ هيو ۽ نه عارف بالله. پر موقعي شناس، ماڻهن جو ڄاڻو ۽ هڪ ننڍي صوبي جو وڏو ماڻهو هيو!

فاضل شهيد پنهنجي جيڙي هر وطنين کي آمريت جي چار
۽ هٿي کي ڏاڍي جسي مار کان ڇڏائڻ جي ڀرپور ڪوشش
ڪئي. شايد "وڪالت" بہ ان ئي مقصد لاءِ حاصل ڪئي
هئائين ته جيئن ڪوٺائي گونگي عوام جي زبان ٿي عدالتن ۾
گجندو رهي. هو فقط پنهنجي زندگيءَ جي محبوب ڪمائين وسيلي
وڃائي ويو پنهنجو ساهه ۽ صاحب ٿي چڙهي قرباني ڏنائون.

هڪ سيلاني سياحت سانگي ڏيهي ايران پهتو. ٽئڪسي ۾ سوار ٿي تهران گهمندو رهيو. هڪ هنڌ ماڻهن جو هجوم ڏسي پڇيائين ته هتي ڇا ٿي رهيو آهي، ڊرائيور جواب ڏنو ته هي يونيورسٽي آهي ۽ ملڪ جو صدر ۽ پرائيم منسٽر هتي نماز پڙهڻ آيا آهن. سياح سوال ڪيو ته يونيورسٽي ته تعليم پرائڻ لاءِ آهي. ڊرائيور چيو ته هتي پڙهائي جيئن ۾ جاري آهي، پوءِ پلا ڏوهاري ٿيڻ ۾ پابندي ته آهي ڇا؟ ڇو ته ساڻن اڄ ڪالهه هو پاور ۾ آهن!

* * * *

ڳالهه ٿا ڪن ته ڪيوبا جي ڪاسٽرو جي تازو نيولين بونا پارٽ جي روح سان ملاقات ٿي. ڳالهين ڪندي ڪاسٽرو نيولين کي چيو ته جي تو وٽ روسي ميزائيل هٿيار هجن ها ته شايد توکي ”واٽرلو“ واري شڪست نصيب نه ٿئي ها. نيولين ورائيو ته ”ڪاسٽرو! جي موجود ڪيوبا جهڙيون تو واريون اخبارون هجن ها، ته منهنجي شڪست جي دنيا وارن کي هواءِ پڻ جي به خبر نه پوي ها“.

* * * *

چانهه جي هوٽل خانه اڳيان هڪ نوٽيس موجود هئي لکيل هو: ”هتي هر ڪنهن کي ڳالهائڻ جي پوري آزادي آهي، پر پنهنجي وات بند رکو“.

ذڪر آهي جو هاڻ شڪار بند ٿي ويا آهن پر سو هٿياري
دورا بدستور جاري آهن ۽ جاري رهڻ به گهرجن. پر هوائي هڻڻ
معاوضي ڏيڻ تي هجڻ ته پڻ جمهوريت جي شروعات ۾ ته هر وزير
۾ صوبن پنهنجن ڏکن جا خوب دورا ڏي ڪيا. پنهنجي آجيان
ڪرائڻ لاءِ ڪافي خرچ به ڏي ڪمائون. هاڻ البت دورن ۾
ڪجهه ناهر آنسي ڏي ڏسجي. خاص طور "باءِ روڊ" موٽر گاڏين
وارا قافلا ته بلڪل بند ٿا ڏسجن. ان ڏس ۾ اوري ترهيڪ وڌڻ
لازمي آهي. حڪومت جي ملڪ ۾ آهي آمدرفت وارن ذريعن
جي سلامتي ٿي. رستي روڪ يا رڪاوٽ ڏي ته پوءِ حڪومت
لاءِ اهو چئلينج آهي. افغانستان جو امير عبدالرحمان ائين فقط
رستي تي ڦر ڪندڙن جو "چڻ پڇو" نياس ڪندو هو، پـر
جيستين ڦر جو مال ملي ڦورن وارن کي حڪم هوندو هيو تـه
ڏنبا ڪٽي رستي جي مٿي ڪٽيندا رهن!

وڏو لاهوت لامڪان! باقي هاڻ مڪتبن ۽ مدرسن کان اوڙانو ٿا ڀڄن ته ” ناهي حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي - مڪ رمز وجود وڃاوڻ دي “.

اسڪول هجن يا ڪاليج، هاڻ پڙهائيءَ وارن ويڙهن جا ٻلويڙا ۽ ٻيهر وڃن ٿا اوچا ۽ پختا ڪندا. ڀڏو اڏائون نه منجهن ٿا ڳا به آباد ٿيندا. اسان پنهنجي چوگرد ايتري ته مار ڌاڙ ۽ مارا ماري ڏسڻ جا عادي ٿي پيا آهيون جو پنهنجي اندر نسل جي پائماليءَ جو به احساس نه ٿا رکون. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته اسين هڪ عجيب ۽ غريب دور کان گذري رهيا آهيون جو بقول چارلس ڊڪنس جي ته ”اميد جي گهڙي آهي مايوسيءَ جي پڻ! “A time of hope and also of despair” موجوده سماج جو هر رخ ۾ اڳتي قدم ۾ آهي ۽ ساڳئي وقت اخلاق ۽ انسانيت جو ڏيوالو پڻ نڪري رهيو آهي. نئين سچ جي ڳولڻ واري لالائي آهي، الاجي پراڻي سچ جي لهڻ واري گهاڙهاڻ ؟

جي ٻاشندن کي ڪڏهن ڪجهه هٿ حاصل نه ٿيو. نه ڪڏهن
کين ڪي انعام اڪرام عطا ٿيا ۽ نه مٿن ڪي پرمٽون يا پلاٽ
نڇاور ٿيا. لياريءَ ۾ نه ڍنگ جو ڪو اسڪول کوليو ويو، نه اسپتالون. نه وري
هت ڪي سماجي ڀلائيءَ جا ادارا قائم ڪيا ويا. خود پي پي
پيءَ جي دور حڪومت ۾ جي رستا ۽ سيور مارڪيٽ لياريءَ ۾
تعمير ٿيڻا هوا اهي وري ٻين علائقن ۾ اڏيا ويا. ڏسڻ ۾
آئين ٿو اچي ته جن مٿان لياريءَ وارن پاڻ گهوري صدقو ٿي
ڪيو، تن کي وسري ويو ته جي لياري جي هئي. ۽ هو پاور ۾ اچڻ
کانپوءِ ٻين ڳالهين ۾ مصروف ٿي ويا.

هاڻ به لياري الله جي فضل سان اهڙي ئي آهي جهڙي ورهاڱي
کان اڳ هئي. "اڄ ٿي آهن جت اوهان ڇڏيون." گندڻيون ناليون،
گند ۽ غلاظت جا ڍير، ڀڳل ۽ ٽٽل رستا، ڪچا ڪوارٽر، تنگ
۽ تاريڪ ڳليون، جيڏانهن نظر ڪري نهار ته سمجهي ليڪن،
۽ سنگهوليون. اهي ته آهن ڪي لياريءَ وارن کي اهي ئي "ڪڏهن ۽
ڪاڏهن" ٿا ڏسون، جي ڪين ٻڙهي ڪان ٻڏي ۾ ماڻهو ٿا ڏسجن!

ٿي ملڪ ڀر ۾ سک پيار ۽ وڌي سگهن. هتي اڳ ڪيترا انقلاب
آندا آهن جو ماڻ تخت اٿلائي ڇڏيندا.

* جنهن سيد جي سزا جو سوال آهي ته اسانکي ڪو
اعتراض نه آهي. جيڪڏهن اجان به ڪنهن کي حسرت رهيل
آهي ته پاڻ پوري ڪن. سزا جا به ڪيئي قسم آهن ۽ اجان
گهڻا رهيل به آهن، جي آزمايا نه ويا آهن. تاريخ ۾ تاتارن وارو
سڪت جو طريقو سڀ کان بهتر هيو، جيئن چنگيز خان، بخارا
جي هڪ بادشاهه سلطان کي سزا طور لوهي پڃري ۾ بندي
ڪري پوءِ پڃرو هاٿيءَ تي رکائي ساڻ سفر تي نڪرندو هيو
ته جيئن رعايا جا ٻيا ماڻهو سبق سکن.

رياض ڪيرجن. هت فقط سندس "حق جي تلاش" جو ذڪر ڪجي جو سندس عمر جو تت آهي ته "آءٌ ان وقت ٻه هستيءَ ۾ هئس جڏهن نه نالا هوا ۽ نه شيون جنهنجا نالا هجن. نالا ۽ شيون تڏهن وجود ۾ آيا جڏهن اچان "آءٌ ۽ اسين" جو سوال ئي پيدا نه ٿي ٿيو. مون خالق جي ڳولا ڪرستانن ۾ ڪئي ۽ صليب تي نگاهه ڪيم پر ڪنهن اتي به نه پاتم. آءٌ بت پرستن جي قديم بت خانن ۾ ويس اتي به سندس نالو نشان ڪونه هو. آخر غار حرا ۾ ليئو پاتم ۽ پوءِ ڪابل قندار تائين سفر ڪيم پر ڪنهن ڪٿي به نه ڏٺم، نه اوچائي تي ۽ نه ترائيءَ ۾. اڪر ٻيهر اچائي پوءِ ڪوه قاف تي چڙهائي ڪيم ۽ اتي عنقا جو آکيرو ڏٺم. لاچار ٿي ڪعبي جي رخ ۾ هلندو پيس جو نوجوان لوڪن پيرن جو ڏکائو آهي. خدا مونکي هت به ڪونه مليو. فلسفي جي رخ ۾ راهي ٿي ابن سينا ڪسان پڇا ڪيم پر هو سندس حد ۾ به ڪونه هو. آخر مون پنهنجي اندر ۾ جهاتي پاتي، جتي هو دارو درست جيئو ۽ جو ٻئي ڪنهن ۾ هرگز ڪونه هو."

آهي. جي اها حقيقت صحيح آهي ته پوءِ مونکي خدا صاحب جون ٻه ڳالهيون سمجهه ۾ ڪڏهن نه آيون. هڪ هي ته قاضيءَ جي معافيءَ جو صدارتي ۽ ڪلي اختيار هوندي به مڙني ۽ مڙوني رحم جون درخواستون رد! ڪهڙي ڪارڻ؟ ٻيو هي ته سواءِ چند ذاتي نسالـا نباهڻ جي، باقي صدر صاحب جي سنڌين سان ٻوت اصل ڪانه ٻئي. تـوٽي جو سنڌي ته سڪٽي هش ۾ به خوش هوندو آهي. سائين فقط اهڙو سلوڪ به ڪيو وڃي ها جو پارتي سڪن سان ناانصافي ۾ ڪيو تو وڃي، يا وري اهڙي همدردي جا محتاج ۽ اپاهجن سان ڪٿي ني وڃي تڏهن به هو همر پر احسان سند رهندا يا تـي سڪوي تو ته ائين سمجهڻ ۾ اڪ غلطي آي هجان.

اهو دل کي خوش رکڻ لاءِ خيال سٺو آهي پر عملي طور ناممڪن آهي.

ڏٺو وڃي ته جن ماڻهن ڪراچيءَ ۾ وڳوڙ ڦهلايو ۽ شهر ۾ ڦرلٽ ۽ ڀڃ ڊاهه ڪئي، تن دراصل سموري ملڪ ۽ قوم کي ڀاري نقصان پهچايو آهي جنهن جي تلافي ڪرڻ ۾ ڪيئي سال لڳي ويندا. ڏوڙ ڦوڙ ۾ جا مال ملڪيت تباهه برباد ڪئي وئي يا موٽرون ۽ بسون ساڙي رک ڪيون ويون تنهن کان سواءِ ڪارخانن کي ڪروڙها روپين جو گهاٽو سهڻو پيو آهي. جي آباد گهر برباد ٿيا، جي گهراڻا يتيم ٿي ويا ۽ ٻيا جي انسان پيدا پار نوجوان ۽ عورتون موت جي گهاٽ چاڙهيون ويون انهن جو ته ڪاٿو ئي ڪونه آهي. خبر نه آهي ته ڪنهن ۽ ڪهڙو سوال صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ هي هل هنگامو رچايو هو ۽ هاڻ کيس ڇا حاصل ٿيو هوندو؟

اسان کي جڳائي ته اسين ماڻهن کي هئان ان ڇڏيون ۽ هڪ ٻئي سان انسانيت جو سلوڪ ڪريون ۽ آئنده پيار محبت ۽ ڀائپيءَ ۾ پنهنجون جيئڻ گڏجي گذاريون. پر جيڪڏهن ڪنهن کي اڃا به پنهنجو جوش جاري ۽ اجايو ڏيکارڻو آهي ۽ زور پرکڻو آهي ته پوءِ هي گوءِ هي ميدان. ماشاالله. جاڙي به چڱي سٺي.

گداگر ڪراچي شهر جو هڪ دائمي تماشو ٿي چڪا آهن. بهتر آهي ته کين هڪ هنڌ تي جمع ڪري کين عزت مان سان روٽي کائڻ لائق بڻايون. پوءِ جيڪڏهن کين پنجاب جي رهاڪن جيان "ست مرلا زمين" ڪٿي عطا نه ڪيون تڏهن به سندن لاءِ "چهرءِ چانور" يا "روٽي ڪپڙي مڪان" جو ڪو انڌو منجهو انتظام ته ڪريون. سنڌ حڪومت هن ڏس ۾ عمل ڪري جس کٽي ته ڀلو.

آڪٽوبر 1987ع ۾ شايع ٿيندڙ

**نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر 99**

# راڄ - گهاٽ تي چنڊ

## مصنف: شيخ اياز

شاعري جو هڪ اهڙو ڪتاب:

جيڪو اوهان پڙهڻ چاهيو ٿا
جيڪو اوهان ڳائڻ چاهيو ٿا
جيڪو اوهان ٻڌڻ چاهيو ٿا
جيڪو اوهان سانڍڻ چاهيو ٿا

اڇي ڪاغذ تي خوبصورت نموني ڇپيل
خوبصورت ٽائيٽل- صفحا 280 جي قريب

---

# نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو خاص نمبر

**(ڪتاب نمبر 100)**

؟

انشاالله نومبر 1987ع ۾ شايع ٿيندو

---

الطاف شيخ ۽ ماهتاب محبوب
جا شايع ٿيل ٻه نوان سفرناما

**”زندگي ۽ مڇ دريا ۾“**

خوبصورت ٽائيٽل- صفحا 194- قيمت -/30 رپيا

**”سرهي سرهي سار“**

ڪل 236 صفحا- 24 صفحن تي تصويرون- قيمت -/35 رپيا.

| | | |
|---|---|---|
| ٩٢. پگهل ڪنيرڙائيون | خليل جبران/عبدالله الفائز | ١٥/- |
| ٩٣. ماستر هريام جو ٻنڪاڪ وڃڻ... | الطاف شيخ | (ختم ٿيل) |
| ٩٤. ڪي جو ٻيجل ٻوليو (شاعري) | شيخ اياز | ٢٥/- |
| ٩٥. سرهي سرهي سار (سفرنامو) | ماهتاب محبوب | ٣٥/- |
| ٩٦. خط، انٽرويو ۽ تقريرون | شيخ اياز | ٥٠/- |
| ٩٧. ڏنگيءَ منجهه درياهه | الطاف شيخ | ٣٠/- |

گهرائڻ لاءِ لکو: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

پنهنجي نوعيت جو منفرد ڪتاب

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو پلاٽينم جوبلي ڪتاب

(ڪتاب نمبر 100)

؟

انشاءالله نومبر ۾ شايع ٿيندو.